SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريه 2011

# SINDH ACT NO.X OF 2011

# سنڌ زڪوات ۽ عشر ايڪٽ، 2011

# THE SINDH ZAKAT AND USHR ACT, 2011

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

### باب _I

### شروعاتي

### Chapter_I

### Preliminary

1. مختصر عنوان، اضافو نفاذ ۽ شروعات

Short title, extent, application and commencement

2. وصفون

Definitions

### باب _II

### زڪوات

### Chapter_II

### Zakat

3. زڪوات لڳائڻ ۽ وصول ڪرڻ

Charge and collection of Zakat

4. ڄاڻ کي ڳجهو رکڻ

Secrecy of information

## باب _III
## عشر
## Chapter_III
## Ushr

5. عشر لڳائڻ ۽ وصول ڪرڻ
Charge and collection of Ushr

6. عشر لڳائڻ ۽ وصول ڪرڻ جو طريقو
Mode of assessment and collection of Ushr

## باب _IV
## زڪوات فنڊس
## Chapter_IV
## Zakat Funds

7. زڪوات فنڊز جو قيام
Establishment of Zakat Funds

8. زڪوات فنڊز جو استعمال
Utilization of Zakat Fund

9. زڪوات فنڊ مان ادائيگي
Disbursement from Zakat Fund

10. اڪائونٽس
Accounts

11. آڊٽ
Audit

## باب _V
## تنظيم ۽ انتظاميا
## Chapter_V

## Organization and Administration

12. سنڌ زڪوات ڪائونسل

Sindh Zakat Council

13. چيف ايڊمنسٽريٽر

Chief Administrator

14. ضلع زڪوات ۽ عشر ڪميٽي

District Zakat and Ushr Committee

15. تعلقي زڪوات ۽ عشر ڪميٽي يا ٽائون زڪوات ۽ عشر ڪميٽي

Taluka Zakat and Ushr Committee or Town Zakat and Ushr Committee

16. مقامي زڪوات ۽ عشر ڪميٽي

Local Zakat and Ushr Committee

17. آسامي وغيره، جيڪا قدمن يا ڪارروائيون کي غير موثر نہ ڪندي

Vacancy etc., not to invalidate acts or proceedings

18. ڪائونسل ۽ ٻين ڪميٽيز جا ميمبر مسلمان هجڻ گهرجن

Members of Council and other committees to be Muslims

19. ماڻهو جيڪو چيئرمين جي غير حاضري ۾ گڏجاڻين جي صدارت ڪندو

Person to preside at meetings in the absence of Chairman

20. هٽائڻ ۽ برطرف ڪرڻ جو اختيار

Power to supersession and removal

21. بي اعتمادي جو ووٽ

Vote of no_confidence

22. انتظامي تنظيم

Administrative organization

23. ڪجھ ماڻهو پبلڪ سرونٽس هوندا

Certain persons to be public servants

باب _VI

متفرقات

Chapter_VI

Miscellaneous

24. چوٽ

Exemption

25. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

26. معلومات لاءِ سڏائڻ ۽ هدايتون جاري ڪرڻ جو اختيار

Power to call for information and issue directions

27. ضمانت ۽ دائره اختيار تي پابندي

Indemnity and bar of jurisdiction

28. ڪميٽيز جي تحليل ۽ جوڙجڪ

Dissolution and constitution of committees

29. منسوخي

Repeal

30. رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties

# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريه 2011
# SINDH ACT NO.X OF 2011
# سنڌ زڪوات ۽ عشر ايڪٽ، 2011
# THE SINDH ZAKAT AND USHR ACT, 2011

[11 اپريل 2011]

ايڪٽ جنهن ذريعي زڪوات ۽ عشر لڳائڻ، جمع ڪرڻ ۽ ادائيگي ڪرڻ سان لاڳاپيل گنجائشون جوڙيون وينديون.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته زڪوات ۽ عشر لڳائڻ، جمع ڪرڻ ۽ ادائيگي ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ گنجائشون جوڙڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن ته زڪوات، بشمول عشر اسلام جي بنيادي ٿنڀن (رڪنن) منجهان آهي؛

۽ جيئن ته زڪوات ۽ عشر جي جمع ڪرڻ جا مک مقصد ۽ انهن مان ادائيگي، ضرورت مندن، مستحقن ۽ غريبن جي مدد ڪرڻ آهي؛

۽ جيئن ته زڪوات ۽ عشر جا ملهه، جيئن زڪوات ۽ عشر جي استعمال جو مقصد پڻ ايئن آهي، جيئن شريعت ۾ بيان ڪيل آهي؛

۽ جيئن ته شريعت سمورن مسلمانن کي پابند ڪري ٿي جيڪي ادائيگي لاءِ صاحب نصاب آهن، ۽ حڪومت کي زڪوات ۽ عشر جي جمع ڪرڻ،

ادائيگي ۽ استعمال جو بهتر انتظام ڪرڻ جو پابند ڪري ٿي ۽ اهڙن مسلمانن کي ان سلسلي ۾ حڪومت طرفان نہ اوڳاڙيل حصي جي ادائيگي لاءِ پڻ پابند ڪري ٿي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

**باب ـI**

**شروعاتي**

**Chapter_I**

**Preliminary**

**مختصر عنوان، اضافو، نفاذ ۽ شروعات**

Short title, extent, application and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ زڪوات ۽ عشر ايڪٽ، 2011 سڏيو ويندو.

(2)ان جي سڄي صوبي سنڌ تائين توسيع ڪئي ويندي، پر زڪوات ۽ عشر جي ادائيگي ۽ اوڳاڙي رڳو صوبي جي مسلمان شهرين تي لاڳو ٿيندي ۽ ڪمپني، يا ٻي ڪا ماڻهن جي ايسوسيئيشن، يا فردن جي باڊي، پوءِ اها انڪارپوريٽيڊ هجي يا نہ هجي، جنهن جي شيئرز جي اڪثريت جي ملڪيت يا جنهن جي بينيفيشل اونر شپ اهڙي شهري وٽ هجي ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو سمجهي ٿو تہ هن ايڪٽ تحت ڪيل سموري اوڳاڙي يا اوڳاڙي جو ڪو حصو سندس عقيدي موجب نہ آهي تہ اهڙي اوڳاڙي ڪڏهن بہ نہ ڪئي ويندي، پر زڪوات فنڊ ۾ ان شخص طرفان حصو سمجهيو ويندو:

بشرطيڪ اهو تہ:

(a)ڪا زڪوات عشر لازمي بنيادن تي ڪنهن شخص جي اثاثن يا پيداوار تي نہ لڳائي يا وصول ڪئي ويندي،

جنهن زڪوات جي سلسلي ۾ ويلوئيشن تاريخ کان ٽيهہ ڏينهن اڳ ۽ عشر جي سلسلي ۾ ويلوئيشن تاريخ کان اڳ ڪٽوتي ايجنسي کان ڪٽوتي ڪرائي هجي، يا عشر جي سلسلي ۾ لوڪل ڪميٽي کان، هڪ ڊڪليئريشن، يا ان سلسلي ۾ تصديق ٿيل ڪاپي، بيان ڪيل طريقي موجب، ان طرفان ميجسٽريٽ سامهون حلف کنيو ويو هجي، اوٿ ڪمشنر سامهون، نوٽري پبلڪ سامهون، يا حلف کڻڻ لاءِ بااختيار بڻايل ڪنهن ٻئي شخص سامهون، ٻن گواهن جي موجودگيءَ ۾ جيڪي ڪيس سڃاڻين، تہ اهو مسلمان آهي ۽ ڄاتل سڃاتل فقہ مان ڪنهن هڪ جو پوئلڳ آهي، جيڪو هي ڊڪليئريشن ۾ ڄاڻائيندو ۽ اهو تہ اهو ايمان ۽ ڄاڻايل فقہ هن ايڪٽ ۾ ڄاڻايل طريقيڪار تحت زڪوات يا عشر جو سمورو حصو يا ڪو حصو ادا ڪرڻ جو پابند نہ ٿي ڪري؛ ۽

(b)هڪ ڊڪليئريشن، يا ان سلسلي ۾ تصديق ٿيل ڪاپي، مٿي ڄاڻايل هڪ زڪوات سال ۾ فائيل ڪئي وئي آهي، اها تيستائين ڪارگر رهندي جيستائين:

(i)ڊڪليئريشن يا ڪاپي، ۽ اثاثو زڪوات لاءِ مستحق آهي، جنهن سان اهو لڳاپيل هجي، ڪٽوتي ڪندڙ ايجنسي جي تحويل ۾ رهندو؛ يا

(ii)ڊڪليئريشن يا ڪاپي فائيل ڪندڙ ماڻهو جاري رکي ٿو زمين جي سلسلي ۾، جنهن جي پيداوار ساڳي رهي ٿي، جيڪا ڊڪليئريشن فائيل ڪرڻ وقت هجي، ۽ ڊڪليئريشن ڪاپي لوڪل ڪيمٽي جي تحويل ۾

رهي ٿي:
بشرطيڪ وڌيڪ تہ جتي ڪنهن سبب جي ڪري زڪوات يا عشر لازمي بنيادن تي اهڙي شخص کان وصول ڪئي وڃي ٿي ۽ اهو امت جي ڀلائي لاءِ الله جي نالي تي صدقو يا خيرات طور زڪوات فنڊ ۾ ڏيڻ نٿو چاهي ۽ واپسي جي دعويٰ ڪري ٿو. ڊڪليئريشن جي بنياد تي جيڪو متي سندس طرفان فائيل ڪيو ويو آهي، پهرين شرطيہ بيان ۾ ڄاڻايل عرصي دوران يا اهڙي وڌيڪ عرصي دوران جيئن بيان ڪيو ويو هجي، اهڙيءَ ريت وصول ڪيل رقم بيان ڪيل طريقي موجب ڪيس واپس ڪئي ويندي.
وضاحت: هن ايڪٽ ۾ ذريعي تي ڪٽوتي لائق زڪوات جي حوالي سان يا لازمي بنيادن تي واجب عشر پڻ زڪوات فنڊ ۾ لاڳو ڪيل حصن طور سجهيو ويندو.
(3)وفاقي شرعي عدالت، ڪنهن شخص جي درخواست تي، سوال جو فيصلو ڪري سگهي ٿي تہ ذيلي دفعہ 3 جي پهرين يا ٻئي شرطيہ بيان تحت ڪيل ڊڪليئريشن سندس فقہ موجب، جنهن جو هو پوئلڳ آهي، ان تحت ڪارگر آهي، ۽ جيڪڏهن شرعي عدالت فيصلو ڪري ٿي تہ ڊڪليئريشن ڪارگر ناهي، تہ اهڙو شخص ڪنهن ٻئي قانون تحت ڪو ٻيو قدم کڻڻ وڃڻ ڪانسواءِ زڪوات يا عشر ڀرڻ جو پابند هوندو جيئن معاملو هجي، هن ايڪٽ تحت ڄاڻايل طريقي موجب.

(4)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(i)“ساليانو امداد” مطلب سلسليوار واجب الادا رقم، ساليانو امداد پاليسي شرطن موجب سڄي عمر دوران امداد حاصل ڪندڙ کي ملندي هجي، يا طئي ڪيل سالن لاءِ جيئن معاملو هجي، جنهن ۾ شامل آهي حڪومت طرفان ڄاڻايل پوسٽل امداد حاصل ڪندڙ جي اسڪيم؛

(ii)“اثاثا” مطلب زڪوات لائق اثاثا جيئن هن ايڪٽ ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

(iii)“عطيات” مطلب زڪوات فنڊ ۾ ڪيل اعزازي عطيات، سواءِ زڪوات ۽ عشر جي ۽ بشمول صدقه نفله جي؛

(iv)“چيف ايڊمنسٽريٽر” مطلب دفعه 13 تحت اهڙيءَ ريت مقرر ڪيل شخص ۽ جنهن ۾ شامل آهي هن ايڪٽ تحت سندس طرفان چيف ڪمشنر جا اختيار يا ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ بااختيار بڻايل ڪو عملدار؛

(v)“ڪمپني” مطلب ڪمپنيز آرڊيننس، 1984 تحت بيان ڪيل ڪمپني؛

(vi)“ڪائونسل” مطلب دفعه 12 تحت جوڙيل سنڌ زڪوات ڪائونسل؛

(vii)“ڪٽوتي ڪندڙ ايجنسي” مطلب بئنڪ، پوسٽ آفيس يا پنجين ڪالم جي پهرين شيڊول ۾ ڄاڻايل ٻيو ڪو ادارو؛

(viii) "ڪٿوتي جي تاريخ" مطلب پهرين شيڊول ۾ ڄاڻايل اثاثن جي سلسلي ۾، تاريخ يا تاريخون جن تي زڪوات جي ڪٽوتي ٿيڻي آهي ۽ جيڪا يا جيڪي شيڊول جي پنجين ڪالم ۾ ڄاڻايل آهن؛

(ix) "ضلع ڪميٽي" مطلب دفعہ 14 تحت جوڙيل هڪ ضلعي ڪميٽي؛

(x) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(xi) "سرڪاري سڪيورٽي" ڪي ساڳيو مطلب آهي جيڪو سڪيورٽيز ايڪٽ، 1920 ۾ اٿس؛

(xii) "ادارو" مطلب ديني مدرسا، تعليمي، تربيتي ۽ سماجي ڀلائي جا ادارا، عوامي اسپتالون، خيراتي ادارا ۽ ٻيا هيلٿ ڪيئر فراهم ڪندڙ ادارا؛

(xiii) "انشوئرر" مطلب اسٽيٽ لائيف انشورنس ڪارپوريشن آف پاڪستان يا پوسٽل لائيف انشورنس؛

(xiv) "مقامي ڪميٽي" مطلب دفعہ 16 تحت جوڙيل هڪ ڪميٽي؛

(xv) "مقاميت" مطلب مقامي ڪميٽي جي دائره اختيار ۾ ايندڙ ايراضي؛

(xvi) "ميچورٽي ويليو" مطلب بيان ڪيل عمر تائين لائيف اشوئر جي فوتگي تي يا پاليسي جو مدو ختم ٿيڻ تي ڄاڻايل شرطن موجب واجب الادا رقم؛

(xvii) "نصاب" زڪوات لائق اثاثن جي سلسلي ۾ سواءِ زرعي پيداوار ۽ رستن تي جانورن جي مفت گاهہ جي، مطلب چاندي 612.32 گرام، يا ڪيش يا سون، يا

واپاري لاءِ شيون، يا شريعت موجب زڪوات لاءِ ٻيا ڪي اثاثا، جن جو ڪٽيل ملهه چاندي جي 612.32 گرام ملهه جي برابر هجي، جيئن چيف ايڊمنسٽريٽر طرفان هر زڪوات جي سال لاءِ ڄاڻايو ويو هجي، اهو ماڻهو جنهن جي سلسلي ۾ جنهن جا زڪوات لائق اثاثا رڳو سون تي مشتمل آهن، ته 87.48 گرام سون؛

(xviii) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(xix) "پيداوار" مطلب بنيادي زرعي، باغن جي يا جهنگلي پيداوار؛

(xx) "پراويڊنٽ فنڊ" ڪي ساڳي معنيٰ آهي جيئن پراويڊنٽ فنڊ ايڪٽ، 1925 ۾ اٿس؛

(xxi) "سڃاڻپ ڏنل پراويڊنٽ فنڊ" مطلب پراويڊنٽ فنڊ جنهن کي انڪم ٽيڪس آرڊيننس، 2001 تحت مجاز اٿارٽي طرفان اهڙيءَ ريت سڃاڻپ ڏني وئي هجي؛

(xxii) "ريٽرن" مطلب ڪمائي، جيئن بيان ڪيل هجي، جيڪا هڪ اثاثي تي حاصل ڪئي وڃي؛

(xxiii) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا؛

(xxiv) "صاحب نصاب" مطلب اهو شخص جيڪو اهڙن اثاثن جو مالڪ هجي يا قبضو رکي جيڪي نصاب کان گهٽ نه هجن پر انهن ۾ شامل نه هجي:

(a) حڪومت يا لوڪل اٿارٽي؛

(b) هڪ قانون ساز ڪارپوريشن هڪ ڪمپني يا انٽرپرائيز جيڪا مڪمل طور سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت حڪومت جي مالڪي هيٺ هجي، هڪ لوڪل اٿارٽي، يا هڪ ڪارپوريشن جي حڪومت جي

ملڪيت هيٺ هجي، پوءِ انفرادي سر يا هڪ يا هڪ کان وڌيڪ گڏيل طور هجي؛
(c)قانون ساز ڪارپوريشن جي شاخ، هڪ ڪمپني يا بي انٽرپرائيز جيڪا ذيلي شق (b) ۾ ڄاڻايل آهي ۽ جيڪا سموري ان جي ملڪيت هيٺ هجي؛
(d) نيشنل انويسٽمينٽ (يونٽ) ٽرسٽ؛
(e)انويسٽمينٽ ڪارپوريشن آف پاڪستان ۽ ان جو مچوئل فنڊ؛
(f)هڪ سڃاڻپ ڏنل پرووڊنٽ فنڊ؛
(g)ڊفينس سروسز طرفان سنڀاليل ڪو يونٽ فنڊ بشمول سول آرمڊ فورسز جي؛
(h)هڪ زڪوات فنڊ؛
(i)هڪ ادارو، فنڊ، ٽرسٽ، انڊومينٽ يا سوسائٽي:
(a)سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1860 تحت رجسٽر ٿيل هڪ خيراتي تنظيم، يا ڪمپنيز آرڊيننس، 1984 تحت ڪمپني يا وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون تحت رجسٽر ٿيل يا منظور ٿيل هڪ خيراتي يا سماجي ڀلائي جي تنظيم؛ ۽
(b)سينٽرل بورڊ آف روينيو طرفان انڪم ٽيڪس آرڊيننس، 2001 جي دفعہ 16 جي مقصد لاءِ منظور ٿيل؛
(j)سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1860 تحت اهڙيءَ ريت رجسٽر ٿيل هڪ ديني مدرسو؛
(k) هڪ مسجد؛
(l)يتيم خانن سان لاڳاپيل قانون تحت اهڙيءَ ريت

رجسٽر ٿيل يتيم خانو؛

(m)ڪمپنيز پروفٽس (ورڪرس پارٽيسيپيشن) ايڪٽ، 1968 تحت قائم ڪيل هڪ ورڪرس پارٽيسيپيشن فنڊ؛ يا

(n)مقدمي يا ڪيس ۾ عدالت جي التوي هيٺ حڪم تحت مقدمي يا ڪيس جي ڏر جي رقم؛

(xxv)“سڪيورٽي” مطلب ڪو اسٽاڪ، حصو، لکت، ڊبينچر، بانڊ، پري آرگنائيزيشن سرٽيفڪيٽ، يا سڪيورٽي طور ڄاتل ڪو دستاويز؛

(xxvi) “حصو” مطلب وفاقي قانون يا صوبائي قانون تحت قائم ڪيل ڪمپني يا ڪنهن باڊي ڪارپوريٽ جي شيئر ڪيپيٽل ۾ هڪ حصو ۽ جنهن ۾ شامل آهي اسٽاڪ؛

(xxvii)“سب ڊويزن” مطلب ضلعي جو سب ڊويزن جيئن حڪومت طرفان ڄاڻايو ويو هجي؛

(xxviii) “سريندر ويليو” مطلب ميچورٽي فائدا دستياب ٿيڻ کان اڳ ڪنهن به وقت لائيف انشورنس پاليسي يا مالي امداد رد ڪرڻ تي طئي ٿيل شرطن ۽ ضابطن موجب انشورر طرفان واجب الادا رقم؛

(xxix)“سروائيول بينيفٽ” مطلب ڄاڻايل تاريخ تي جيئن پاليسي ۾ طئي ڪيل آهي زندگي اشوئر ڪرايل جي بچي وڃڻ تي لائيف انشورنس پاليسي جي شرطن موجب واجب الادا رقم؛

(xxx)“تعلقي ڪميٽي يا ٽائون ڪميٽي” مطلب دفعه 15 تحت جوڙيل تعلقي ڪميٽي يا ٽائون ڪميٽي؛

(xxxi) "ويلوئيشن تاريخ" مطلب:
(a) زڪوات لائق اثاثن جي سلسلي ۾ زڪوات سال جو پهريون ڏينهن؛ ۽
(b) عشر لائق پيداوار جي سلسلي ۾، اهڙي تاريخ يا تاريخون جيئن چيف ايڊمنسٽريٽر طرفان ان جي دائره اختيار ۾ هن ايڪٽ جي مقصدن لاءِ اثاثن ۽ پيداوار لاءِ بيان ڪيون وڃن يا ڄاڻايون وڃن؛
(xxxii) "زڪوات فنڊ" مطلب دفعه 7 تحت قائم ڪيل فنڊ؛ ۽
(xxxiii) "زڪوات سال" مطلب هجري ڪيلينڊر موجب جنهن تحت زڪوات اوڳاڙي لائق آهي، جيڪو شروع ٿئي ٿو رمضان المبارڪ جي پهرين ڏينهن کان ۽ ختم ٿئي ٿو ان کانپوءِ ايندڙ شعبان المعظم جي آخري ڏينهن تي؛

## باب-II
## زڪوات
## Chapter-II
## Zakat

**زڪوات لڳائڻ ۽ وصول ڪرڻ**
**Charge and collection of Zakat**

3.(1) هن ايڪٽ جي گنجائش موجب، زڪوات پهرين شيڊول ۾ ڄاڻايل اثاثن جي سلسلي ۾ سنڌ حڪومت طرفان لڳائي ۽ اوڳاڙي ويندي، لازمي بنيادن تي، هر زڪوات سال لاءِ، اهڙن اگهن تي ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي، هر ان شخص کان جيڪو ويلوئيشن جي تاريخ تي ۽ گذريل زڪوات سال دوران صاحب نصاب رهيو هجي ۽ جيڪو ويلوئيشن تاريخن

تي اهڙن اثاثن جو مالڪ هجي ۽ قبضو رکندو هجي:
بشرطيڪ جتي ڪو اثاثو ملڪيت يا قبضو رکندڙ طرفان ڪنهن ٻئي شخص کي سونپيو ويو هجي، اهڙي اثاثي جي سلسلي ۾ زڪوات لازمي بنيادن تي ايئن لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي، جيئن اهو سونپيو ئي نه ويو هجي:
بشرطيڪ وڌيڪ ته، جيڪڏهن اثاثو ويلوئيشن جي تاريخ تي ڪنهن شخص جي مالڪي يا قبضي هيٺ هيو پر ڪٽوتي واري تاريخ تي ڪنهن ٻئي شخص جي ملڪيت يا قبضي هيٺ آهي، اهڙي اثاثي تي زڪوات اهڙي شخص تي لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي جنهن جي ملڪيت يا قبضي هيٺ ويلوئيشن جي تاريخ تي هيو:
بشرطيڪ وڌيڪ ته، جيڪڏهن ڪو شخص ڄاڻايل طريقي موجب لوڪل ڪميٽي جنهن جي حد ۾ اهو رهي ٿو ان کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ثابت ڪري ٿو ته اهو ويلوئيشن جي تاريخ تي صاحب نصاب نه هيو يا سموري گذريل زڪوات جي سال دوران اهو نصاب جي ملهه برابر اثاثن جو مالڪ يا قبضو رکندڙ نه هيو ان تي زڪوات نه لڳائي يا وصول ڪئي ويندي، يا جيڪڏهن وصول ڪئي وئي آهي ته بيان ڪيل طريقي موجب واپس ڪئي ويندي:
بشرطيڪ وڌيڪ ته، ڪٽوتي واري تاريخ تي يا ان کان اڳ فوت ٿي ويل ڪنهن شخص جي اثاثن تي ڪا به زڪوات نه لڳائي يا وصول ڪئي ويندي:

بشرطيڪ وڏيڪ تہ پهرين شيڊول ۾ ڄاڻايل اثاثن تي لازمي بنيادن تي ڪا بہ زڪوات نہ لڳائي يا وصول ڪئي ويندي، جيڪي:

(a)پرڏيهي ڪرنسي ۾ حاصل ڪيا ويا هجن؛ يا

(b)پرڏيهي ڪرپنسي ۾ سنپاليل آهن ۽ جن تي ريٽرن ۽ جنهن جي بروقت ادائيگي، ڇڏائڻ ۽ هٽ ڪٽائڻ پرڏيهي ڪرنسي ۾ ٿئي؛

بشرطيڪ وڏيڪ تہ حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت يا قانون ساز ڪارپوريشن، ڪمپني يا وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت طرفان سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت مالڪيءَ هيٺ ٻي انٽرپرائيز لوڪل اٿارٽي يا وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي ملڪيت هيٺ ڪارپوريشن ۽ جيڪا سنڌ ۾ انفرادي سر يا گڏيل طور واقع هجي طرفان جاري ڪيل بانڊز يا سرٽيفڪيٽن جي ڪنهن درجي تي لازمي بنيادن تي زڪوات جي ڪٽوتي کان ڇوٽ ڏئي سگهي ٿي:

(2)لازمي بنيادن تي زڪوات جمع ڪرڻ جو ملهہ طئي ڪرڻ ۾، اثاثي جي قيمت جنهن تي زڪوات جي ڪٽوتي ٿيڻي آهي هڪ حد تائين گهٽائي ويندي ۽ ان طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي، فقط قرضن جي صورت ۾ جيڪي:

(a)ان اثاثي طرفان اڳوات ورتا ويا هجن؛

(b)ڪنهن اثاثي ناهڻ ۾ استعمال ٿيل، جنهن ذريعي تي زڪوات ڪٽوتي لائق هجي؛ ۽

(c) ڪٽوتي ڪندڙ ايجنسي کان حاصل ڪئي وئي هجي جنهن وٽ قرض رکندڙ اثاثو هجي ۽ اثاثو جيڪو ذيلي شق (b) تحت ناهيو ويو هجي.

(3)جتي هڪ شخص کان سورس تي زڪوات جي ڪٽوتي ڪئي وئي هجي:

(a)ثابت ڪري ٿو ته:

(i)هي مسلمان نه آهي؛ يا

(ii)هي پاڪستان جو شهري نه آهي؛ يا

(iii)ڪانئس ڪٽوتي ڪيل رقم هن ايڪٽ تحت واجب الادا رقم کان گهٽي آهي، پوءِ اها رڪارڊ ۾ سندس نالي تي ڪنهن غلطي سبب هجي، يا سندس نالي تي ذيلي دفعه (2) تحت مهيا ڪيل ريڊڪشن ڪيس مڪمل طور اجازت نه ڏني وئي هجي؛ يا

(iv)هي دفعه 2 جي شق (xxiv) جي ذيلي شقن (a) کان (n) ۾ شامل ايڪسڪلوزنس ۾ اچي ٿو؛ يا

(b)ثابت ڪري ٿو جيئن ذيلي دفعه (1) جي ٽئين شرطيه بيان ۾ ڄاڻايل آهي ته هي صاحب نصاب نه آهي يا گذريل سموري زڪوات سال دوران نصاب جو مالڪ يا نصاب رکندڙ نه هيو؛ يا

(c)دفعه 1 جي ذيلي دفعه (3) جي ٻئي شرطيه بيان موجب يادداشت نامو داخل ڪري ٿو جيڪو ان دفعه جي ذيلي دفعه (4) تحت وفاقي شرعي عدالت ۾ چئلينج ناهي ڪيو ويو ۽ واپسي جي دعويٰ ڪري ٿو اهڙيءَ ريت ڪٽوتي ڪيل رقم يا، جيئن معاملو هجي، اضافي ڪٽوتي ڪيل رقم ان کي ڄاڻايل طريقيڪار موجب

واپس ڪئي ويندي.
(4)جتي پهرين شيڊول ۾ ڄاڻايل ڪنهن اثاثي جي ڪٽوتي لائق زڪوات جي اوڳاڙي رهت تي وجي تي، چيف ايڊمنسٽريٽر زيگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) ڏانهن اماڻي سگهي ٿو يا جيئن معاملو هجي لاڳاپيل ضلعي جي ڪليڪٽر ڏانهن مڪمل طور تي صحيح ٿيل سرٽيفڪيٽ جنهن ۾ ادائگي لائق رهتن جي رقم بيان ڪيل هوندي ۽ ان ماڻهو جا پارٽيڪيولرس جنهن ڏانهن واجب الادا آهن، ۽ ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) يا جيئن معاملو هجي ڪليڪٽر، اهڙو سرٽيفڪيٽ ملڻ تي، اهڙيءَ ريت ڄاڻايل رقم اوڳاڙڻ شروع ڪندا، جهڙوڪ اهي ليند روينيو جون رهتون هيون.
(5) هڪ صاحب نصاب يا تہ زڪوات فنڊ ۾ ادا ڪري سگهي ٿو يا سڌيءَ ريت انهن مستحقن کي ڏئي سگهي ٿو جيڪي شريعت تحت اهڙي زڪوات جا مستحق هجن، جيڪڏهن انهن کان هن ايڪٽ تحت زڪوات ڪٽوتي نہ ڪئي وئي هجي، مثال طور، ٻئي شيڊول ۾ بيان ڪيل اثاثن تي جيڪا واجب الادا هجي.
(6)موقعي تي ڪا رقم ڪٽوتي ڪندڙ ايجنسي طرفان ڪنهن شخص کان ڪٽوتي ڪئي وئي هجي تہ اها رقم اهڙي شخص جي نالي تي زڪوات جي ادائگي سمجهي ويندي، يا ان شخص طرفان دفعہ 1 جي ذيلي دفعہ (3) تحت رابطو ڪرڻ تي، اها زڪوات فنڊ ۾ حصي يا صدقي يا الله جي نالي تي خيرات ۾ انهن ماڻهو

جي نالي تي شامل ڪئي ويندي، جيئن معاملو هجي.

چاڻ کي ڳجهو رکڻ
Secrecy of information

4. هن ايڪٽ تحت موقعي تي زڪوات جي ڪٽوتي جي سلسلي ۾ فراهم ڪيل يا جمع ڪيل ڪا به معلومات ڳجهي رکي ويندي ۽ اها ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ استعمال نه ڪئي ويندي بشمول ڪنهن ٽيڪس لڳائڻ يا جمع ڪرڻ جي.

**باب ـIII**

**عشر**

**Chapter_III**

**Ushr**

**باب ـIII**

**عشر**

**Chapter_III**

**USHR**

عشر لڳائڻ ۽ وصول ڪرڻ
Charge and collection of Ushr

5.(1) هن ايڪٽ جي ٻين گنجائشن موجب، دفعه 6 ۾ ڄاڻايل طريقي موجب لازمي بنيادن تي جيئن بيان ڪيو ويو هجي، هر زمين جي مالڪ، گرانٽي، الاٽي، ليزي، ليز رکندڙ يا زمين رکندڙ (سواءِ ان شخص جي جيڪو صاحب نصاب جي وصف کان ٻاهر هجي) کان ان جي پيداوار جي حصي تي پنج سيڪڙو ملهه سان عشر لڳائي ۽ جمع ڪئي ويندي، ويلوئيشن واري تاريخ تي:

بشرطيڪ جيڪڏهن زمين جو ڪو پلاٽ مڪمل طور تي هڪ فصل اپائڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو ۽ ان جو هڪ ننڍو حصو، جيڪو هڪ ايڪڙ جي چوٿين حصي برابر هجي، اهو ڪو ٻيو فصل اپائڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو ته اهڙي ننڍي حصي جي پيداوار جي سلسلي ۾ عشر نه لڳائي ويندي.

وضاحت: هن دفعه ۽ دفعه 6 ۾ "زمين مالڪ"، "گرانٽي"،

"الاتي"، "ليزي"، "ليز رکندڙ" ۽ "زمين رکندڙ" کي ساڳي معنيٰ هوندي جيئن ليند ايڊمنسٽريشن سان لاڳاپيل قانونن ۾ آهي ۽ "زمين رکندڙ" ۾ شامل آهي اهو شخص جنهن کي ڪنهن زمين جي پلاٽ جي ملڪيت حاصل هجي، جنهن اهڙي پلاٽ تي فصل اپايو هجي.

(2) اڪيلي زمين مالڪ، گرانٽي، الاتي، ليزي، ليزي رکندڙ يا زمين رکندڙ کي لازمي عشر جي اوڳاڙي کان ڇوٽ هوندي جيڪڏهن:

(a)هي شريعت تحت زڪوات حاصل ڪرڻ جي اهل هجي؛ يا

(b)ان جي زمين مان پيداوار پنج وسق (=948 ڪلوگرام) ڪڻڪ کان گهٽ آهي، يا اهو عشر لائق بين فصلن جي صورت ۾ ملهه ۾ برابر آهي.

(3)ڪڻڪ جي پنج وسق برابر رقم اهڙيءَ ريت هوندي جيئن هر زڪوات سال ۾ چيف ايڊمنسٽريٽر طرفان بيان ڪئي وئي هجي.

(4)عشر پيداوار تي پهرين اوڳاڙي هوندي.

(5)عشر روڪ رقم اوڳاڙي ويندي:

بشرطيڪ جتي پيداوار ڪڻڪ يا جون تي مشتمل هجي، عشر ڪائونسل جي آپشن طور ان قسم سان ئي اوڳاڙي ويندي.

(6)هڪ صاحب نصاب يا تہ مقامي زڪوات فنڊ ۾ ادائيگي ڪندو يا سڌيءَ ريت شريعت تحت مستحق انهن ماڻهن کي جيڪي زڪوات لائق هجن. جيتوڻيڪ شريعت تحت هن ايڪٽ موجب عشر لازمي طور لاڳو

نئون ٿئي، جهڙوڪ، ٻئي شيڊول جي آئٽم 9 جي سلسلي ۾.

عشر لڳائڻ ۽ وصول ڪرڻ جو طريقو
Mode of assessment and collection of Ushr

6. (1) روينيو ڪاتو زمين مالڪ، گرانٽي، الاٽي، ليزي، ليز رکندڙ يا زمين رکندڙ جي سلسلي ۾ ڄاڻايل طريقي موجب عشر لڳائيندو ۽ جمع ڪندو ۽ فصل جي مند لاءِ اهڙي معلومات وارو رڪارڊ رکندو، جيڪو هن ايڪٽ جي مقصدن لاءِ گهربل هجي.
(2) ليز جي صورت ۾، عشر ادا ڪرڻ جي ذميداري ليسر ۽ ليزي ٻنهي تي هڪ جيتري هوندي، جيڪا ٻنهي وچ ۾ تعلقي مختيارڪار طئي ڪندو.
(3) هڪ اسيسي ذيلي دفعه (1) تحت اسيسمينٽ سبب متاثر ٿيل يا جيئن معاملو هجي، هڪ ليسر يا ليزي ذيلي دفعه (2) تحت ورهاست سبب متاثر ٿيل، اسيسمينٽ جي اعلان جي ٽيهن ڏينهن اندر، يا جيئن معاملو هجي، يا روينيو ڪاتي طرفان ورهاست بعد، بيان ڪيل طريقي موجب اسيسمينٽ يا ورهاست تي نظرثاني لاءِ ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) سان رابطو ڪري سگهي ٿو.
بشرطيڪ اهڙي ڪا به درخواست داخل نه ڪئي ويندي جيستائين درخواست گذار روينيو ڪاتي طرفان لاڳو ڪيل يا حصي ۾ آيل ذميداري جي پنجاهه سيڪڙو کان گهٽ نه ضلعي زڪوات فنڊ ۾ جمع نه ڪرايو هجي.
(4) ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) ڪنهن به وقت، پنهنجي موشن تي يا پنهنجي حد ۾ رهندڙ بالغ مسلمان

جي درخواست تي، ذيلي دفعہ (1) تحت لڳايل ذميداري يا ذيلي دفعہ (2) تحت حصو وڏائڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿو:
بشرطيڪ اهڙو ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين متاثر شخص کي سبب ڄاڻائڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو ويو هجي.
(5)ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) جنهن کي ذيلي دفعہ (3) يا ذيلي دفعہ (4) تحت درخواست ڪئي وئي آهي، يا جنهن ذيلي دفعہ (4) تحت پنهنجي ذاتي موشن تي معاملو کنيو آهي، اهو اهڙي عرصي دوران فيصلو ٻڌائيندو جيڪو هڪ مهيني کان وڌيڪ نہ هجي، جيڪو ان تاريخ کان ڳڻيو ويندو جنهن تاريخ تي درخواست وصول ٿي هجي، جيئن معاملو هجي، ۽ اهڙو فيصلو حتمي هوندو ۽ ڪنهن بہ عدالت يا ٻي اختياري آڏو ان تي سوال نہ اٿاريو ويندو.
(6)ڊمانڊ جيئن ذيلي دفعہ (1) تحت طئي ڪئي وئي هجي، يا جيئن معاملو هجي، ذيلي دفعہ (4) تحت يا ذيلي دفعہ (5) تحت، اها اسيسي طرفان ادا ڪئي ويندي ۽ روينيو ڪاتي طرفان جمع ڪئي ويندي اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي ۽ ضلعي زڪوات فنڊ ۾ جمع ڪئي ويندي.
(7)جتي هن ايڪٽ تحت لازمي طور واجب عشر جي اوڳاڙي رهت ٿي وڃي تہ مختيارڪار اهڙيءَ ريت ڄاڻايل رقم بازياب ڪرائيندو جهڙوڪ اهي لينڊ روينيو جون رهتون هيون.

باب ـ IV

زڪوات فنڊز

Chapter_IV

Zakat Funds

7. هيٺيان زڪوات فنڊس جوڙيا ويندا، يعني:

(a)سنڌ زڪوات فنڊ، جنهن ۾ جمع ڪيا ويندا:

(i)موقعي تي ڪٽوتي ڪيل زڪوات؛

(ii) رضاڪاراڻي نموني ادا ڪيل زڪوات بشمول رضاڪاراڻي چندي جيڪو وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت، پاڪستاني شهرين ۽ پرڏيهه ۾ رهندڙ بين ماڻهن طرفان ڏنو ويجي.

(iii)منتقليون، جيڪڏهن ڪي هجن، ضلعي زڪوات فنڊ مان؛

(iv)منتقليون، جيڪڏهن ڪي هجن، مقامي زڪوات فنڊ مان؛ ۽

(v) گرانٽس، عطيات ۽ ٻيون ڪي وصوليون (ii) طور، بشمول بشمول مرڪزي زڪوات فنڊ ۾ موجود اڻ خرچ ڪيل بيلنسز جي.

(b)هر ضلعي لاءِ هڪ ضلعي زڪوات فنڊ، جنهن ۾ جمع ڪيا ويندا:

(i)سنڌ زڪوات فنڊ مان ان ۾ منتقليون؛

(ii)عشر جون ڪارروايون ضلعي زڪوات فنڊ جي ذاتي ليجر اڪائونٽس ۾ جمع ڪيون وينديون؛

(iii)رضاڪاراڻي طوران ۾ ادا ڪيل زڪوات؛

(iv)مقامي زڪوات فنڊ مان ڪي منتقليون،

باب ـ IV
زڪوات فنڊس
Chapter_IV
Zakat Funds
زڪوات فنڊس جو قيام
Establishment of Zakat Funds

جيڪڏهن ڪي هجن؛ ۽

(v)گرانٽس، عطيات ۽ ٻيون وصوليون، ۽

(c)هر مقامي زڪوات ڪميٽي لاءِ هڪ مقامي زڪوات فنڊ، جنهن ۾ جمع ڪيا ويندا:

(i)ان ۾ رضاڪاراڻي نموني ادا ڪيل زڪوات؛

(ii)ضلعي زڪوات فنڊ مان ان ۾ منتقليون؛

(iii)سنڌ زڪوات فنڊ مان ان ۾ منتقليون؛ ۽

(iv) گرانٽس، عطيات ۽ ڪي وصوليون.

**زڪوات فنڊ جو استعمال Utilization of Zakat Fund**

8.زڪوات فنڊ جي رقم هيٺين مقصدن جي لاءِ استعمال ڪئي ويندي، يعني:

(a)ضرورتمندن، مستحقن ۽ غريبن ڪي مدد خاص طور يتيمن ۽ بيواهن، محتاجن ۽ معذورن، جيڪي شريعت موجب زڪوات حاصل ڪرڻ لاءِ اهل هجن، انهن جي مدد يا بحالي لاءِ، سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت ديني مدرسن يا تعليمي، تربيتي يا سماجي ادارن، پبلڪ اسپتالن، خيراتي ادارن يا ٻين ادارن جي ذريعي جيڪي صحت جون سهولتون فراهم ڪري رهيا هجن:

بشرطيڪ ماڻهن جون فهرستون سڌيءَ ريت ۽ ادارن جي ذريعي جوڙيون وڃن، جن جي مدد سان زڪوات فنڊ مان مدد ڏيڻي آهي، اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي طريقي تيار ڪيون ۽ سنڀاليون وڃن، جيئن بيان ڪيو ويو هجي:

(b)مدد ضرورت مند ماڻهن لاءِ جيڪي متاثر ٿيا هجن يا بي گهر ٿيا هجن خدائي آفتن سبب جهڙوڪ ٻوڏ يا زلزلي وغيره ۾ ۽ انهن جي بحالي؛

(c)زڪوات ۽ عشر جمع ڪرڻ، ورهائڻ ۽ انتظام ڪرڻ

تي خرچ:
بشرطيڪ:
(i)چيف ايڊمنسٽريٽر، ڪائونسل ۽ ڊسٽرڪٽ ڪميٽي جي انتظامي معاملن تي خرچ حڪومت طرفان برداشت ڪيو ويندو:
بشرطيڪ وڌيڪ تہ ضلعي ڪميٽي جي انتظامي معاملن جو خرچ مالي سال دوران فنڊز ۾ کوٽ سبب مڪمل طور تي حڪومت طرفان برداشت نہ ڪيو ويندو، ڪائونسل سپليمينٽري فنڊز فراهم ڪندي جيڪي شق (ii) ۾ بيان ڪيل حد جي بہ سيڪڙو کان وڌيڪ نہ هوندا؛ ۽
(ii)فنڊز جيڪي ڏهہ سيڪڙو کان وڌيڪ نہ هجن جيڪي بجيٽ ۾ منظور ڪيا ويا هجن سنڌ زڪوات فنڊ ۾ رکيا ويندا تہ جيئن لوڪل ڪميٽي جي اهڙن اضافي خرچن کي منهن ڏئي سگهجي جيڪي ڪائونسل طرفان منظور ڪيا ويا هجن.
بشرطيڪ بينڪنگ جو خدمتون يا هن ايڪٽ تحت لازمي بنيادن تي زڪوات ۽ عشر لڳائڻ، جمع ڪرڻ يا ورهائڻ سان لاڳاپيل خدمتون بنا معاوضي فراهم ڪيون وينديون، سواءِ ان جي تہ چيف ايڊمنسٽريٽر، عشر جي سلسلي ۾، ڪنهن خاص خدمتن لاءِ ادائگي جي اجازت ڏئي؛
(d)بنا وياج دستاويزن تي سيڙپڪاري جيئن شريعت تحت اجازت ڏنل آهي؛
(e)ڪو بيو مقصد جنهن جي شريعت موجب اجازت

ڏنل آهي: ۽

(f) اعزازي وظيفو سمورن چيئرمين کي ادا ڪيو ويندو ۽ رقم ڪائونسل طرفان طئي ڪئي ويندي.

زڪوات فنڊ مان ادائيگي
Disbursement from Zakat Fund

9. (1) ڪائونسل سنڌ زڪوات فنڊ مان آبادي جي بنياد تي ضلعي زڪوات فنڊ ۾ ذاتي ليجر اڪائونٽس ۾ فنڊس جي ورهاست ڪري ۽ منتقلي ڪري سگهي ٿي، اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي ۽ جيئن ضرورت مندن ۽ غريب ماڻهن جون پنهنجي دائره اختيار اندر جيترو ممڪن ٿي سگهي، هڪ جهڙن بنيادن تي گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ مددگار هجي.

(2) هڪ ضلعي ڪميٽي ضلعي زڪوات فنڊ مان مقامي زڪوات فنڊ ۾ ڪراس چيڪن ذريعي فنڊز جي ورهاست يا منتقلي ڪري سگهي ٿي يا هڪ اداري ڏانهن يا ٻيو انتظامي خرچ اهڙين شرطن موجب حاصل ڪري سگهي ٿي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي، ۽ جڏهن ٻه ڪائونسل طرفان هدايت ڪئي ويندي پنهنجي گهرجن کان ڪي ٻه اضافي فنڊس سنڌ زڪوات فنڊ ڏانهن منتقل ڪري سگهي ٿي.

(3) هڪ مقامي ڪميٽي مقامي زڪوات فنڊ مان ڪراس چيڪن ذريعي ورهاست ڪري سگهي ٿي يا خرچ حاصل ڪري سگهي ٿي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي:

بشرطيڪ هڪ مقامي ڪميٽي، جيئن ايئن ڪائونسل يا ضلعي ڪميٽي طرفان گهربل هجي، پنهنجي گهرجن کان اضافي فنڊ مقامي زڪوات فنڊ مان سنڌ زڪوات

فنڊ ڏانهن منتقل ڪري سگهي ٿي، يا جيئن معاملو هجي، ضلعي زڪوات فنڊ پنهنجي گهرجن کان اضافي:

بشرطيڪ وڌيڪ تہ ڪائونسل يا ضلعي ڪميٽي زڪوات بئنڪ يا پوسٽ آفيس ذريعي ورهائيندي يا ٻيون ڪي مالي خدمتون جيئن ڪائونسل طرفان طئي ڪيون ويون هجن، اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

اڪائونٽس
Accounts

10.(1) سنڌ زڪوات فنڊ، ضلعي زڪوات فنڊ ۽ مقامي زڪوات فنڊ جا اڪائونٽس چيف ايڊمنسٽريٽر، ڊسٽرڪٽ ڪميٽي ۽ لوڪل ڪميٽي طرفان اهڙي طريقي ترتيبوار سنڀاليا ۽ هلايا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2)سنڌ زڪوات فنڊ جي اڪائونٽس جا ريڪارڊز اهڙي عرصي لاءِ محفوظ ڪيا ويندا ۽ اهڙن ماڻهن يا ايجنسيز سامهون آڊٽ يا جاچ پڙتال لاءِ دستياب ڪيا ويندا، اهڙي طريقي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

آڊٽ
Audit

11. (1) سنڌ زڪوات فنڊ جي سالياني يا ننڍن وقفن سان آڊٽ ڪرائڻ لاءِ، ڪائونسل لوڪل فنڊ آڊٽ کي آڊٽ ڪرائڻ لاءِ درخواست ڪندي.

(2) ضلعي زڪوات فنڊ جي سالياني يا ننڍن وقفن سان آڊٽ ڪرائڻ لاءِ، ڪائونسل لوڪل فنڊ آڊٽ کي آڊٽ ڪرائڻ لاءِ درخواست ڪندي.

(3)مقامي زڪوات فنڊ جي ضلعي اندر سالياني يا ننڍن وقفن سان آڊٽ ڪرائڻ لاءِ، ضلعي ڪميٽي

لوڪل فنڊ آڊٽ کي آڊٽ ڪرائڻ لاءِ درخواست ڪندي.

(4)لوڪل فنڊ آڊٽ طرفان ذيلي دفعات (1)، (2) ۽ (3) تحت ڪيل آڊٽ ۾ پروپرائٽي آڊٽ به شامل هوندي.

(5)سنڌ زڪوات فنڊ تي لوڪل فنڊ آڊٽ جي ساليانی رپورٽ صوبائي اسيمبلي سامهون پيش ڪئي ويندي ۽ اهڙيءَ ريت ضلعي زڪوات فنڊ يا مقامي زڪوات فنڊ جي رپورٽ مڪاني حڪومت جي قانون تحت قائم لاڳاپيل ضلعي ڪائونسل سامهون پيش ڪئي ويندي.

(6)هن دفعه ۾ شامل ڪجھ به بچائي نه سگھندو:

(a)ڪائونسل کي ان جي دائره اختيار ۾ ڪنهن ضلعي يا مقامي زڪوات فنڊ جي آڊٽ ٽيڙڻ کان؛ يا

(b)ضلعي يا مقامي ڪميٽي کي پنهنجي مقامي زڪوات فنڊ جي آڊٽ ٽيڙڻ کان.

(7)جيستائين ڪجھ مٿي ڄاڻايل ذيلي دفعات جي متضاد نه هجي، آڊيٽر جنرل سنڌ زڪوات فنڊ، ضلعي زڪوات فنڊ ۽ مقامي زڪوات فنڊ بشمول ڪٽوتي ڪندڙ ايجنسي يا زڪوات وصول ڪندڙ اداري جي اڪائونٽس جي ساليانی آڊٽ ڪندو.

## باب _V

## تنظيم ۽ انتظاميه

## Chapter_V

## Organization and Administration

| | |
|---|---|
| 12.(1) حڪومت، سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن | سنڌ زڪوات ڪائونسل |

باب _V
تنظيم ۽ انتظاميا
Chapter_V
Organization and Administration

Sindh Zakat Council

ذريعي سنڌ زڪوات ڪائونسل قائم ڪندي، جيئن زڪوات ۽ عشر سان لاڳاپيل معاملن تي خاص طور تي ضلعي ۾ زڪوات فنڊس ۽ انهن جي اڪائونٽس جي سار سنڀال جي، ڪائونسل طرفان ڏنل پاليسي گائيڊ لائنس موجب عام نظرثاني ڪري سگهجي ۽ ضابطو آڻي سگهجي.

(2)ڪائونسل مشتمل هوندي:

(a)چيئرمين؛

(b)پنج ماڻهو، جن مان ٽي عالم هوندا، جيڪي حڪومت طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(c)ٻه عورتون، جيڪي پنجٽيهه سال عمر کان گهٽ نه هونديون، جيڪي حڪومت طرفان نامزد ڪيون وينديون؛

(d)ماليات کاتي جو سيڪريٽري؛

(e)مڪاني حڪومت کاتي جو سيڪريٽري؛

(f)صحت کاتي جو سيڪريٽري؛

(g) تعليم کاتي جو سيڪريٽري؛

(h)سماجي ڀلائي کاتي جو سيڪريٽري؛

(i)زڪوات ۽ عشر کاتي جو سيڪريٽري؛ ۽

(j)چيف ايڊمنسٽريٽر، جيڪو پڻ ڪائونسل جو سيڪريٽري هوندو.

(3)حڪومت هاءِ ڪورٽ جي هڪ ريٽائرڊ جج کي ڪائونسل جو چيئرمين مقرر ڪندي.

(4)چيئرمين ۽ ڪائونسل جا ميمبرز سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرن جي، ٽن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندا، ۽

ٻئي مدي لاءِ ٻيهر مقرري لاءِ اهل هوندا.
(5)چيئرمين يا جيئن معاملو هجي، ميمبر جيڪو ايڪس آفيشو ميمبر نہ هجي، پنهنجي هٿ لکت هيٺ، وڏي وزير ڏانهن عهدي تان استعيفيٰ اماڻي سگهي ٿو:
بشرطيڪ اهو پنهنجي عهدي تي تيستائين قائم رهندو جيستائين وڏو وزير ان جي استعيفيٰ منظور نہ ڪري.
(6)چيئرمين يا ميمبر جي عهدي تي ڪا آسامي، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي، ذيلي دفعات (2) ۽ (3) تحت نامزدگي ذريعي پري ويندي.
(7)ذيلي دفعہ (6) تحت نامزد ڪيل چيئرمين يا ميمبر ان کان اڳ ڇڏيندڙ جي رهيل مدت تائين عهدو رکي سگهندا.

چيف ايڊمنسٽريٽر
Chief Administrator

13. (1) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، حڪومت طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت هڪ چيف ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويندو، جيئن اها طئي ڪري.
(2) چيف ايڊمنسٽريٽر ڪائونسل جي عام نظرداري ۽ ضابطي هيٺ ڪم ڪندو ۽ ڪائونسل جي چيف ايگزيڪيوٽو طور اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو جيڪي ڪيس هن ايڪٽ تحت سونپيا ويا آهن.

ضلعي زڪوات ۽ عشر ڪميٽي
District Zakat and Ushr Committee

14. (1) ڪائونسل هر ضلعي ۾ ضلعي زڪوات ۽ عشر ڪميٽي جوڙيندي:
بشرطيڪ ڪراچي سٽي ڊسٽرڪٽ ۾ پنج ضلعي زڪوات ۽ عشر ڪميٽيون هونديون.
(2)ضلعي ڪميٽي اهڙين هدايتن تي عمل ڪندي

جيڪي ڪائونسل طرفان ڏنيون وڃن:
(a)نظرثاني ڪندي، عام طور تي، زڪوات جي انتظامي ڪم ڪرڻ جي، وڌيڪ خاص طور تي، عشر ۽ عطيات جي لاڳو ڪرڻ ۽ ضلعي زڪوات فنڊ ۽ مقامي زڪوات فنڊ ۾ رقمن جي ورهاست ۽ استعمال جي نظرثاني ڪندي؛
(b)شق (a) ۾ ڄاڻايل مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، ضلعي لاءِ منصوبا جوڙيندي اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛
(c)ضلعي زڪوات فنڊ جا اڪائونٽس تيار ڪندي ۽ سنڀاليندي، اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛
(d)مقامي زڪوات فنڊ جا اڪائونٽس ضلعي لاءِ جوڙيندي، اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛
(e)ضلعي ۾ مقامي زڪوات فنڊ جي آڊٽ جو بيان ڪيو طريقي موجب انتظام ڪندي؛ ۽
(f)ڪائونسل طرفان بيان ڪيل ڪنهن معاملي تي ڪائونسل کي صلاح ڏيندي.
(3)ضلعي ڪميٽي مشتمل هوندي:
(a)چيئرمين، جيڪو نان آفيشل هوندو، ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)، ڊسٽرڪٽ آفيسر (هيلٿ) ۽ ضلعي جو ڊسٽرڪٽ آفيسر (ايجوڪيشن) ۽ ضلعي مان ٻه عورتون، جيڪي پنجٽيهه سالن جي عمر کان گهٽ نه هونديون ۽ هڪ نان آفيشل ميمبر هر تعلقي يا ضلعي ۾ سب ڊويزن مان:
بشرطيڪ جتي ضلعي ۾ تعلقن جو انگ پنجن کان

گهٽ آهي، چيئرمين ڪانسواءِ ميمبرن ۾ عورت ميمبرن جو انگ سٽن تائين وڌايو ويندو:
بشرطيڪ وڌيڪ تہ ڪنهن ضلعي ۾ جتي ڊسٽرڪٽ سوشل ويلفيئر آفيسر حڪومت طرفان مقرر ڪيو ويو آهي، ڊسڪٽريڪٽ ڪميٽي ان کي ڪميٽي جو ميمبر ڪٽي سگهي ٿي، ايڪس آفيشو.
(b)ضلعي زڪوات آفيسر، جيڪو ڪميٽي جو سيڪريٽري پڻ هوندو.
(4)چيئرمين ۽ ميمبر نامزدگيون ملڻ ڪانپوءِ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا:
بشرطيڪ ضلعي ڪميٽي جو چيئرمين ۽ ميمبر اهڙا ماڻهو هوندا، جيڪي سٺو اخلاقي ڪردار رکندڙ هوندا ۽ عام طور تي اهڙن ماڻهو طور سڃاتا ويندا هوندا جيڪي اسلامي رهنمائي جي پيچڪڙي نہ ڪندا هوندا ۽ مالي حيثيت رکندڙ هوندا ۽ ڪنهن سماج مخالف سرگرمي ۾ ملوث نہ هوندا.
(5)اهڙيءَ ريت جوڙيل ضلعي ڪميٽي جو ڪائونسل طرفان نوٽيفڪيشن ڪڍيو ويندو.
(6)ضلعي ڪميٽي جو چيئرمين ۽ ميمبر، جيڪي ايڪس آفيشو ميمبر نہ هوندا، ٽن سالن لاءِ يا ڪائونسل جي رضا سان عهدو رکندا ۽ ڪو چيئرمين يا ميمبر لاڳيتو ٻہ ڀيرا مقرري کان پوءِ ٻيهر مقرري لاءِ اهل نہ هوندو:
بشرطيڪ ذيلي دفعہ (3) تحت نئين ڪميٽي جي جوڙجڪ ۾ دير جي صورت ۾، ڪائونسل ضلعي

ڪميٽي کي ان جو مدو پورو ٿيڻ کانپوءِ ڇهن مهينن تائين ڪم جاري رکڻ جو چئي سگهي ٿي.
(7)چيئرمين يا ميمبر، جيڪو ايڪس آفيشو ميمبر نہ هجي، هٿ لکت هيٺ ڪائونسل کي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ اماڻي سگهي ٿو.
(8)ذيلي دفعہ (7) موجب، چيئرمين، يا جيئن معاملو هجي، هڪ ميمبر پنهنجي عهدي تي تيستائين ڪم جاري رکندو جيستائين ڪائونسل طرفان استعيفيٰ منظور ڪئي وڃي.
(9)چيئرمين يا ميمبر جي عهدي تي ڪا آسامي، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي، ذيلي دفعہ (4) تحت نامزدگي ذريعي عهدو رکڻ جي اهل شخص سان ڀري ويندي.
(10)ذيلي دفعہ (9) تحت نامزد ڪيل چيئرمين يا ميمبر ان کان اڳ ڇڏيندڙ طرفان رهيل مدي لاءِ عهدو رکي سگهندا.
(11) ضلعي ڪميٽي گهٽ هر ٽن مهينن دوران گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ڪميٽي جون گڏجاڻيون ڪوٺائيندي.

تعلقي زڪوات ۽ عشر ڪميٽي يا ٽائون زڪوات ۽ عشر ڪميٽي
Taluka Zakat and Ushr Committee or Town Zakat and Ushr Committee

15. (1)هتي جوڙيون وينديون:
(a)هر تعلقي ۾ تعلقي زڪوات ۽ عشر ڪميٽي؛ ۽
(b)ڪراچي سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ، ڪراچي جي هر ٽائون ۾ هڪ ٽائون زڪوات ۽ عشر ڪميٽي.
(2)تعلقي ڪميٽي يا ٽائون ڪميٽي، ڪائونسل يا ضلعي ڪميٽي طرفان ڏنل هدايتن موجب ڪم ڪندي:
(a)عشر لڳائڻ جي نظرثاني ۽ زڪوات، عشر ۽ عطيات

جي اوڳاڙي، ۽ تعلقي يا ٽائون ڪميٽي ۾ مقامي ڪميٽيز طرفان مقامي زڪوات فنڊ ۾ رقمن جي ورهاست ۽ استعمال؛

(b)شق (a) ۾ ڄاڻايل مقصدن لاءِ، تعلقي ۽ ٽائون ڪميٽي لاءِ منصوبا جوڙيندي، جيئن معاملو هجي، اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(c)تعلقي ۽ ٽائون ڪميٽي لاءِ مقامي زڪوات فنڊ جا اڪائونٽس جوڙڻ، جيئن معاملو هجي، اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛ ۽

(d)زڪوات ۽ عشر جمع ڪرڻ، ورهائڻ يا استعمال سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي تي ضلعي ڪميٽي کي صلاح ڏيڻ.

(3)تعلقي ڪميٽي يا ٽائون ڪميٽي مشتمل هوندي ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)، ٻه عورت ميمبرز جيڪي پنجٽيهه سال عمر کان گهٽ نه هونديون ۽ ڇهه ميمبرس بيان ڪيل طريقي موجب تعلقي يا ٽائون ڪميٽي جي مقامي ڪميٽين جي چيئرمين طرفان انهن منجهان ئي چونڊيا ويندا:

بشرطيڪ اهو ته جيڪڏهن ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) جي دائره اختيار ۾ ٻه تعلقي يا ٽائون ڪميٽين کان وڌيڪ آهن ته اهو رڳو اهڙين ڪميٽين جو ميمبر هوندو، جيئن ڪائونسل بيان ڪري ۽ ڪائونسل لاڳاپيل تعلقي جو نيڪ مرد نامزد ڪندي، جيئن معاملو هجي، جيڪو ٻئي ڄاڻايل تعلقي يا ٽائون ڪميٽي جو ميمبر هوندو؛

بشرطيڪ وڌيڪ ته ٻه عورت ميمبرس ضليع ڪميٽي طرفان لاڳاپيل تعلقي يا ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين سان مشاورت بعد نامزد ڪيون وينديون.

(4)ڪميٽي جا ميمبرز پنهنجي ميمبرن منجهان ڪميٽي جو چيئرمين چونڊيندا، ۽ جيڪڏهن ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ميمبر هڪ جيترا ووٽ کڻن، ته چونڊ جو نتيجو کڻن ذريعي ڪڍيو ويندو.

(5)اهڙيءَ ريت جوڙيل تعلقي يا ٽائون ڪميٽي جو نوٽيفڪيشن لاڳاپيل ضلعي ڪميٽي طرفان ڪڍيو ويندو.

(6)تعلقي يا ٽائون ڪميٽي جو چيئرمين ۽ ميمبرز، جيڪي ايڪس آفيشو ميمبر نه هجن، ٽن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندا ۽ ٻيهر چونڊجڻ لاءِ اهل هوندا.

(7)چيئرمين يا ميمبر، جيڪو ايڪس آفيشو ميمبر نه هجي، تعلقي ڪميٽي يا جيئن معاملو هجي ٽائون ڪميٽي جي نالي تي هٿ اکري لکت ۾ عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

(8)ذيلي دفعه (7) موجب چيئرمين يا ميمبر عهدي تي تيستائين ڪم جاري رکندو جيستائين تعلقي ڪميٽي يا جيئن معاملو هجي ٽائون ڪميٽي طرفان استعيفيٰ منظور نه ڪئي وڃي.

(9)چيئرمين يا ميمبر جي عهدي تي ڪا آسامي، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي، ذيلي دفعه (3) تحت چونڊ ذريعي پري ويندي، يا جيئن معاملو هجي، ذيلي دفعه (4) تحت عهدي لاءِ اهل شخص ذريعي پري ويندي.

(10) ذيلي دفعہ (9) تحت چونڊيل چيئرمين يا ميمبر ان کان اڳ چڏيندڙ طرفان رهيل مدي تائين عهدو رکي سگهندو.

مقامي زڪوات ۽ عشر ڪميٽي
Local Zakat and Ushr Committee

16. (1) مقامي زڪوات ۽ عشر ڪميٽي جوڙي ويندي:
(a) رهائشي ٻهراڙي علائقي جي هر روينيو اسٽيٽ ۾؛
(b) غير رهائشي ٻهراڙي علائقي جي هر ديهہ يا ڳوٺ ۾؛ ۽
(c) شهري علائقي جي هر وارڊ ۾:
بشرطيڪ جيڪڏهن ڪائونسل جي خيال ۾، روينيو اسٽيٽ، ديهہ يا ڳوٺ جي آبادي تمام گهٽي آهي، يا تمام گهٽ آهي، هڪ مقامي زڪوات ۽ عشر ڪميٽي لاءِ، اهڙي روينيو اسٽيٽ، ديهہ يا ڳوٺ، جيڪڏهن تمام وڏو آهي، ٻہ يا وڌيڪ لوڪلٽيز ۾ ورهايو ويندو يا جيڪڏهن تمام ننڍو آهي، ٻئي ڪنهن روينيو اسٽيٽ، ديهہ يا ڳوٺ سان هڪ لوڪلٽي جوڙڻ لاءِ گڏايو ويندو ۽ جتي روينيو اسٽيٽ، ديهہ يا ڳوٺ اهڙيءَ ريت ورهايو يا گڏايو ويو آهي، مقامي ڪميٽي جي جوڙجڪ ڪانپوءِ جيڪا ڏهہ هزار ماڻهن جي آبادي ڪي ڏسي ٿي تہ ڪائونسل اهڙا حڪم جاري ڪري سگهي ٿي، جيڪي هن ايڪٽ جي مقصد لاءِ ضروري هجن.
وضاحت: هن ذيلي دفعہ ۾:
(a) "شهري علائقو" مطلب علائقو جيڪو ستي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ يا ڪنٽونمينٽ بورڊ يا ٽائون جي مقامي حدن ۾ هجي؛
(b) "ٻهراڙي علائقو" مطلب علائقو جيڪو شهري

علائقي کان علاوه هجي؛
(c)“رهائشي ٻهراڙي علائقو” مطلب ٻهڙاڙي علائقو جنهن جو روينيو رهائشي رڪارڊ موجود هجي؛
(d)“غير رهائشي ٻهراڙي علائقو” مطلب رهائشي ٻهراڙي علائقي کانسواءِ ٻهراڙي علائقو ۽
(e)“وارڊ” مطلب مختلف ۽ ڳتيل لوڪلٽي جنهن جي آبادي وڌ ۾ وڌ ڏهه هزار ماڻهن کان وڌيڪ نه هجي.
(2) لوڪل ڪميٽيون ايئن هونديون، جيئن ڪائونسل طرفان هدايتون ڏنيون ويون هجن ۽ ڊسٽرڪٽ ڪميٽي:
(a)ڌار استحقاق طئي ڪندي:
(i)ڪاڌ خوراڪ جو الائونس؛
(ii)بحالي، يا سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت ديني مدرسن، تعليمي، تربيتي ۽ سماجي ڀلائي جي ادارن جي ذريعي؛
(iii)علاج عوامي اسپتالن، خيراتي ادارن ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪندڙ ٻين ادارن جي ذريعي؛ ۽
(iv)ٻيو ڪو مقصد جيئن شريعت موجب اجازت ڏني وئي هجي؛
(b)رضاڪاراڻي طور زڪوات، عشر ۽ عطيات جمع ڪرڻ ۽ رقمون ضلعي زڪوات فنڊ ۾ جمع ڪرڻ؛
(c)مقامي زڪوات فنڊ جا اڪائونٽس اهڙي طريقي تيار ڪرڻ ۽ سنڀالڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛ ۽
(d)زڪوات، عشر ۽ عطيات جمع ڪرڻ، ورهائڻ ۽ استعمال ڪرڻ سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي تي ضلعي

ڪميٽي کي مشورو ڏيڻ.
(3) مقامي ڪميٽي نون ميمبرن تي مشتمل هوندي، جن مان ٻه مسلمان عورتون هونديون. جن جي عمر پنجٽيهه سالن کان گهٽ نه هوندي. جيڪي ذيلي دفعه (4) ۾ ڄاڻايل طريقي موجب لوڪلٽي جي رهواسين طرفان چونڊيا ويندا.
(4)ضلعي ڪميٽي تي يا وڌيڪ ماڻهن بشمول گهٽ ۾ گهٽ هڪ گزيٽيڊ آفيسر، هڪ عالم دين ۽ هڪ ضلعي ڪميٽي جي هڪ ميمبر تي ٻڌل ٽيم جوڙيندي، جيڪا بالغ مسلمانن، استادن ۽ لوڪلٽي جي علماءِ رهواسين جي عوامي گڏجاڻي ڪوٺائيندي ۽ انهن کي انهن منجهان بيان ڪيل طريقي موجب لوڪلٽي ۾ رهندڙ ست بالغ مسلمانن جن وٽ سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ هجي انهن کي چونڊجڻ لاءِ چوندي ۽ جيڪي پاڪ طور ڄاتا ويندا هوندا ۽ پنج وقت نمازي هوندا ۽ انهن کي سٺي اخلاقي ۽ مالي حيثيت هوندي ۽ ڪنهن سماج مخالف سرگرميءَ ۾ ملوث نه هوندا.
بشرطيڪ جتي هڪ ضلعي ۾ مقامي ڪميٽين جو انگ تمام وڏو آهي جو ضلعي ڪميٽين جا ميمبر ضلعي ۾ مقامي ڪميٽين جي چونڊ لاءِ جوڙيل ٽيمن ۾ نٿا رکي سگهن ته، ضلعي ڪميٽي پنهنجي صوابديد تي ضلي جا ٻيا نان آفيشل ماڻهو ڄاڻايل ٽيم جي نمائندگي لاءِ نامزد ڪري سگهي ٿي.
بشرطيڪ وڌيڪ ته ضلعي ڪميٽي طرفان جوڙيل ٽيم لوڪلٽي جي مبالغ مسلمان عورت رهواسين جي

گڏجاڻي ڪوٺائيندي ۽ انهن کي جاٽايل طريقي موجب لوڪلٽي ۾ رهندڙ مسلمان عورتن منجهان ٻہ عورتون چونڊڻ لاءِ چوندي، جيڪي پاڪ هجن ۽ لوڪل ڪميٽي جون ميمبر ٿيڻ چاهين.
(5)مقامي ڪميٽي جا ميمبر پنهنجي ميمبرن مان هڪ ميمبر چونڊيندا، جيڪو سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ رکندو هوندو، اهو مقامي ڪميٽي جو چيئرمين هوندو ۽ جيڪڏهن ٻہ يا وڌيڪ ماڻهو هڪ جيترا ووٽ کڻندا تہ چونڊ جو نتيجو ڪڻن ذريعي طئي ڪيو ويندو.
(6)اهڙيءَ ريت جوڙيل مقامي ڪميٽي جو نوٽيفڪيشن لاڳاپيل ضلعي ڪميٽي طرفان ڪڍيو ويندو.
(7)لوڪلٽي جو ڪو ميمبر جيڪو ميمبرن جي چونڊ ڪارروائي جي نتيجن کان متاثر ٿيو هجي، يا لاڳاپيل مقامي ڪميٽي جي چيئرمين جي چونڊ ۾ متاثر ٿيو هجي، ضلعي ڪميٽي کي اپيل ڪري سگهي ٿو.
بشرطيڪ ضلعي ڪميٽي ڪا هدايت جاري نہ ڪندي يا ڪو عبوري حڪم جاري نہ ڪندي، بشمول اسٽيل آرڊر جي، ان عرصي دوران جيستائين ڪا اپيل التوي هيٺ پيل آهي.
(8)ضلعي ڪميٽي جنهن کي ذيلي دفعہ (7) تحت اپيل ڪئي وئي آهي، اهڙي وقت دوران اپيل تي فيصلو ڪندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي ۽ ضلعي ڪميٽي جو فيصلو حتمي هوندو، جنهن تي ڪنهن عدالت يا ٻي اختياري سامهون سوال نہ اٿاري سگهبو.

(9)مقامي ڪميٽي جو چيئرمين ۽ ميمبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا ۽ ٻيهر چونڊجڻ يا ٻيهر ڪچڻ لاءِ اهل هوندا، جيئن معاملو هجي:

بشرطيڪ ضلعي ڪميٽي حڪومت سان مشاورت بعد مقامي ڪميٽي جي چيئرمين يا ميمبر کي عهدي تان هٽائي سگهي ٿي يا ٻئي شخص کي چيئرمين نامزد ڪري سگهي ٿي، يا جيئن معاملو هجي، ميمبر طور ان جي ڇڏيندڙ طرفان رهيل مدت پوري ڪرڻ لاءِ نامزد ڪري سگهي ٿي:

بشرطيڪ وڌيڪ ته چيئرمين لاڳيتو ٻه دفعا 3 سالن لاءِ عهدو رکڻ کان وڌيڪ لاءِ اهل نه هوندو:

بشرطيڪ اهو ٻه ته ضلعي ڪميٽي، نئين مقامي ڪميٽي جي جوڙجڪ ۾ دير جي صورت ۾، مقامي ڪميٽي کي اهڙي عرصي تائين ڪم جاري رکڻ لاءِ چئي سگهي ٿي، جيڪو ان جو مدو پورو ٿيڻ کانپوءِ ڇهه مهينن کان وڌيڪ نه هجي.

(10)چيئرمين يا ميمبر ضلعي ڪميٽي کي هٿ لکت ذريعي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ اماڻي سگهي ٿو.

(11) ذيلي دفعه (1) موجب، چيئرمين يا جيئن معاملو هجي، ميمبر عهدي تي تيستائين ڪم جاري رکندو جيستائين ضلعي ڪميٽي ان جي استعيفيٰ قبول نه ڪري.

(12) چيئرمين يا ميمبر جي عهدي تي ڪا به آسامي عهدي لاءِ اهل شخص ذريعي چونڊڻ سان ذيلي دفعه (4) جي گنجائشن موجب يا جيئن معاملو هجي ذيلي دفعه

(7) موجب پري ويندي.

(13) چيئرمين يا ميمبر چوندبيل يا ڪنيل، جيئن معاملو هجي، ذيلي دفعہ (12) تحت، ان ڪان اڳ چڏيندڙ طرفان رهيل مدت لاءِ عهدو رکي سگهندو.

آسامي وغيره، جيڪا قدمن يا ڪارروائين کي غير موثر نہ ڪندي

Vacancy etc., not to invalidate acts or proceedings

17. جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل يا جوڙيل ڪائونسل يا ڪميٽي جو ڪو بہ قدم يا ڪارروائي اهڙي ڪائونسل يا ڪميٽي ۾ فقط آسامي، ان جي جوڙجڪ ۾ نقص جي بنياد تي غير موثر نہ هوندو.

ڪائونسل ۽ ٻين ڪميٽيز جا ميمبر مسلمان هجڻ گهرجن

Members of Council and other committees to be Muslims

18. ڪائونسل ۽ ٻين ڪميٽين جا سمورا ميمبر مسلمان هوندا ۽ جتي ڪو عهدو رکندڙ مسلمان نہ هئڻ جي بنياد تي ميمبر نہ ٿي سگهي، حڪومت ڪائونسل جي صورت ۾ ۽ ڪائونسل ضلعي ڪميٽين جي صورت ۾ ان جي جاءِ تي هڪ مسلمان آفيشل نامزد ڪندي.

ماڻهو جيڪو چيئرمين جي غير حاضري ۾ گڏجاڻين جي صدارت ڪندو

Person to preside at meetings in the absence of Chairman

19. (1) جيڪڏهن هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل يا جوڙيل ڪائونسل يا ڪميٽي جي چيئرمين جو عهدو ڪجهہ وقت لاءِ خالي آهي، يا چيئرمين ڪائونسل يا ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ ۾ غير حاضر هجي، گڏجاڻي ان سلسلي ۾، جيئن معاملو هجي، گڏجاڻي جنهن ۾ چيئرمين غير حاضر آهي، ان جي صدارت ڪئي ويندي:

(a) ڪائونسل جي صورت ۾ چيف ايڊمنسٽريٽر طرفان؛

(b)ضلعي ڪميٽي جي صورت ۾ ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) طرفان؛

(c)مقامي ڪميٽي جي صورت ۾ موجود ميمبرن طرفان چونڊيل ميمبر طرفان:

بشرطيڪ ضلعي ڪميٽي جي چيئرمين جي عارضي معذوري جي صورت ۾، ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر ضلعي ڪميٽي جي چيئرمين جا ڪم سرانجام ڏيندو.

هٽائڻ ۽ برطرف ڪرڻ جو اختيار
Power to supersession and removal

20. (1) جيڪڏهن ڪائونسل، ضلعي ڪميٽي جي صورت ۾ ۽ ضلعي ڪميٽي مقامي ڪميٽي جي صورت ۾ ان خيال جي آهي ته هن ايڪٽ تحت جوڙيل ڪميٽي:

(a)پنهنجي ذميواريون نيائڻ جي لائق ناهي يا لڳاتار ذميواريون نيائڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿي؛ يا

(b)پنهنجي معاملن جو انتظام ڪرڻ لائق ناهي؛ يا

(c)عوامي مفاد جي خلاف قدم کڻي ٿي؛ يا

(d)پنهنجي اختيارن کان مٿانهان قدم کڻي ٿي يا غلط استعمال ڪري ٿي؛

(e)اهڙن ميمبرن جي اڪثريت آهي جيڪي پاڪ مسلمان نه آهن يا جيڪي سماج مخالف سرگرمي ۾ ملوث آهن، ڪائونسل يا جيئن معاملو هجي، ضلعي ڪميٽي نوٽيفڪيشن ذريعي  لاڳاپيل ڪميٽي جي اهڙي عرصي لاءِ معطل ڪرڻ جو اعلان ڪري سگهي ٿي، جيڪو هڪ سال کان وڌيڪ نه هجي، جيئن نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪيو ويو هجي:

بشرطيڪ معطلي جو عرصو جيڪڏهن ڪائونسل يا ضلعي ڪميٽي ضروري سمجهي، هڪ سال جي عرصي کان وڌائي سگهي ٿي.

(2)جڏهن ڪميٽي جي سلسلي ۾ ذيلي دفعہ (1) تحت پڌرائي جاري ڪئي وئي آهي:

(a)ڪميٽي جي چيئرمين ۽ ميمبر جو عهدو رکندڙ ماڻهو جن بابت ٺهراءُ هجي اهي عهدو نہ رکي سگهندا؛

(b)معطلي واري عرصي دوران ضلعي ڪميٽي جا سمورا ڪم، ڪائونسل طرفان مقرر ڪيل ايڊمنسٽريٽر سرانجام ڏيندو ۽ مقامي ڪميٽي جي صورت ۾ اهڙا ڪم ضلعي ڪميٽي طرفان مقرر ڪيل ايڊمنسٽريٽر سرانجام ڏيندو؛ ۽

(c) معطلي جو عرصو ختم ٿيڻ کان اڳ، چونڊون ڪرايون وينديون ۽ پيهر ڪميٽي جوڙڻ لاءِ هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت چونڊ يا نامزدگي ڪئي ويندي.

(3)جيڪڏهن ڪائونسل، ضلعي ڪميٽي جي صورت ۾ ۽ ضلعي ڪميٽي مقامي ڪميٽي جي صورت ۾ ان خيال جي آهي تہ هن ايڪٽ تحت جوڙيل ڪميٽي جو چيئرمين يا ميمبر:

(a)ان جي چونڊ، کڄڻ يا نامزدگي وقت هيو:

(i)پاڪ مسلمان نہ هيو؛

(ii)بالغ نہ هيو؛

(iii)ڪميٽي جي دائره اختيار ۾ ايندڙ علائقي جو رهواسي نہ هيو؛

(iv)ڊسچارج نہ ڪيل ذهني مريض هيو؛

(v)دماغي توازن ٺيڪ نہ هيس؛
(vi)سماج مخالف سرگرمي ۾ ملوث هيو؛ يا
(b)هن جي چونڊجڻ، کڄڻ يا نامزدگي واري تاريخ کان ٽي سال اڳ واري عرصي دوران رهيو هجي:
(i)1898 جي ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر جي دفعات 108، 109 يا 110 تحت بانڊ جوڙڻ جو حڪم ڏنو ويو هجي؛ يا
(ii) بداخلاقي جي ڏوهہ ۾ ملوث هجي؛ يا
(c)ان جي چونڊ، کڄڻ يا نامزدگي کانپوءِ شق (a) جي ذيلي شقن (i)، (ii)، (iii)، (iv)، (v) يا (vi) يا شق (b) جي ذيلي شقن (i)، (ii) يا (iii) ۾ ڄاڻايل نااهلي حاصل ڪئي هجي؛
(d)بنا ڪنهن جوڳي سبب جي ڪميٽي جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين مان غير حاضر رهيو هجي؛
(e)چيئرمين يا ميمبر طور اختيار جي غلط استعمال يا پنهنجي ذميوارين دوران بدعنواني جو ڏوهي هجي، يا ڪميٽي جي ڪنهن رقم يا ملڪيت ۾ ڪنهن نقصان يا، غلط عملدرآمد، غلط بيهڪ يا غلط استعمال جو ذميدار هجي؛ يا
(f)طبي طور معذور ٿي ويو هجي يا ڪنهن بہ حساب سان چيئرمين يا ميمبر طور ڪم سرانجام ڏيڻ کان نااهل ٿي ويو هجي؛ ۽
(g)ڪائونسل، ضلعي ڪميٽي جي صورت ۾، ۽ ضلعي ڪميٽي، مقامي ڪميٽي جي صورت ۾، ٺهراءَ ذريعي اهڙي چيئرمين يا ميمبر کي عهدي تان هٽائي سگهي

تي.

(4)جيڪڏهن، اهڙي جاچ پڙتال کانپوءِ جيڪا ضروري هجي، ڪائونسل، ضلعي ڪميٽي جي صورت ۾، يا ضلعي ڪميٽي، مقامي ڪميٽي جي صورت ۾، ان خيال جي آهي تہ ڪميٽي جو چيئرمين يا ميمبر يا ڪميٽي سان ڪم ڪرڻ لاءِ رکيل ملازم يا هن ايڪٽ تحت زڪوات فنڊ حاصل ڪندڙ ڪو ادارو، پنهنجون ذميداريون نڀائڻ دوران بدعنواني جو ڏوهي هيو، يا زڪوات فنڊ جي نقصان، غلط عملدرآمد يا غلط استعمال جو ذميدار آهي، ڪائونسل، يا جيئن معاملو هجي، ضلعي ڪميٽي اهڙي چيئرمين، ميمبر ماڻهو يا اداري خلاف ڪرمنل ڪارروائي شروع ڪندي.

وضاحت: ذيلي دفعہ (3) جي شق (e) ۽ ذيلي دفعہ (4) جي مقصد لاءِ اظهار "بدعنواني" مطلب ٺڳي، ڪرپشن، بي ايماني، من پسندي، اقربا پروري، ڄاڻي واڻي بدانتظامي ڪرڻ يا ڄاڻي واڻي فنڊز جي منتقلي ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهڙي بدعنواني جي ڪوشش يا مدد ڪرڻ.

(5)جڏهن ڪميٽي جو چيئرمين يا ميمبرعهدي تان هٽايو وڃي ٿو يا آفيس رکڻ کان منع ڪيو وڃي ٿو، اهڙي چيئرمين يا ميمبر جي عهدي تي آساني اهڙي وقت دوران چونڊ، ڪٽڻ يا نامزدگي ذريعي جيئن معاملو هجي، ڀري ويندي جيئن ڪائونسل طئي ڪري، هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، ان شخص ذريعي جيڪو عهدي لاءِ اهل ههجي.

(6)ذيلي دفعہ (5) تحت چونديل، ڪنيل يا نامزد ڪيل چيئرمين يا ميمبر ان ڪان اڳ ڇڏيندڙ طرفان رهيل مدي لاءِ عهدو رکي سگهندو.
(7)ڪائونسل ضلعي ڪميٽي يا مقامي ڪميٽي جي سلسلي ۾ هن دفعہ جي گذريل گنجائشن تحت چيف ايڊمنسٽريٽر کي پنهنجا سمورا اختيار ۽ ڪم سونپي سگهي ٿي.
(8)ذيلي دفعہ (1) تحت ختم ڪيل ڪميٽي جو چيئرمين يا ميمبر يا ذيلي دفعہ (3) تحت هٽايل چيئرمين يا ميمبر، اهڙي وقت دوران ۽ اهڙيءَ ريت ڪائونسل کي ان جي فيصلي تي نظرثاني لاءِ درخواست ڪندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛ ۽ اهڙي نظرثاني تي درخواست گذار کي ٻڌڻ جو هڪ موقعو فراهم ڪرڻ بعد ڪائونسل جو ڏنل فيصلو حتمي هوندو ۽ ڪنهن عدالت يا ٻي اختياري سامهون سوال نہ اٿاري سگهبو.

بي اعتمادي جو ووٽ
Vote of no-confidence

21. (1) جتي مقامي ڪميٽي جي صورت ۾، ضلعي ڪميٽي، اهڙي جاچ بعد جيئن اها ضروري سمجهي، ان خيال جي آهي تہ ڪميٽي جي ميمبرن کي چيئرمين تي وڌيڪ اعتماد ناهي رهيو، ضلعي ڪميٽي بيان ڪيل طريقيڪار موجب چيئرمين کي عهدي تان هٽائي سگهي ٿي.
(2)جتي مقامي ڪميٽي جي ميمبر جي صورت ۾ يا سڄي مقامي ڪميٽي جي صورت ۾، ضلعي ڪميٽي اهڙي جاچ ڪانپوءِ جيئن اها مناسب سمجهي، ان خيال

جي آهي تہ لوڪلٽي جي بالغ مسلمان رهواسين جي نظر ۾ ميمبر يا سموري ڪميٽي اعتماد وڃائي ويٺي آهي، ميمبر کي پنهنجي عهدي تان هٽائي سگهي ٿي يا سموري ڪميٽي کي تحليل ڪري سگهي ٿي.

(3)چيئرمين يا ميمبر يا ميمبرن جي اهڙيءَ ريت ٿيل آسامي جو ضلعي ڪميٽي طرفان نوٽيفڪيشن ڪيو ويندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت اها پري ويندي.

**انتظامي تنظيم**
Administrative organization

22. هن ايڪٽ تحت انتظامي نظام ڪاتي جي ذريعي هلندو، جنهن کي چيف ايڊمنسٽريٽر طور ڄاتو ويندو، يا حڪومت جي ڪاتي جو حصو هوندو ۽ ان ۾ شامل ٿي سگهون ٿيون اهڙيون تنظيمون جيڪي سماجي تحفظ ۽ ٻيا ضروري ڪم سرانجام ڏئي رهيون هجن ۽ جيڪي چيف ايڊمنسٽريٽر جا آهن.

**ڪجھ ماڻهو پبلڪ سرونٽس هوندا**
Certain persons to be public servants

23. هن ايڪٽ جي انتظامن ۾ مصروف هر ماڻهو يا مقرر ڪيل هر ماڻهو پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعہ 21 جي مقصد موجب پبلڪ سرونٽ سمجهيو ويندو.

وضاحت: هن دفعہ جي مقصدن لاءِ ضلعي ڪميٽي ۽ مقامي ڪميٽي جو چيئرمين ۽ ميمبر هن ايڪٽ جي انتظامن ۾ رڌل ماڻهو هوندا.

## باب _VI
## متفرقات
## Chapter_VI
## Miscellaneous

باب _VI
متفرقات
Chapter_VI
Miscellaneous

**چوٽ**

24. حڪومت اسلامي نظرياتي ڪائونسل سان

| | |
|---|---|
| مشاورت بعد سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪيسن يا ماڻهن جي ڪنهن مخصوص طبقي کي زڪوات يا عشر جي لازمي ادائگي کان ڇوٽ ڏئي سگهي ٿي. | Exemption |
| 25. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قائدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules |
| 26. ڪائونسل، چيف ايڊمنسٽريٽر، ضلعي ڪميٽي يا مقامي ڪميٽي، پنهنجي دائره اختيار اندر، لاڳاپيل ماڻهن يا ايجنسين کان اهڙي معلومات يا رڪارڊ طلب ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي، جيئن اها هن ايڪٽ تحت پنهنجا ڪم سرانجام ڏيڻ جي ڪارڪردگي لاءِ ضروري سمجهي. | معلومات لاءِ سڏائڻ ۽ هدايتون جاري ڪرڻ جو اختيار<br>Power to call for information and issue directions |
| 27.(1) ڪنهن ماڻهو خلاف ڪو ڪيس، ڪارروائي يا قانوني ڪارروائي نہ ڪئي ويندي، جيڪڏهن ان ڪجهہ سٺي نيت سان ڪيو هجي يا هن ايڪٽ يا قائدي تحت ڪرڻ چاهيو هجي.<br>(2) هن ايڪٽ يا ڪنهن قائدي تحت ڪجهہ ڪيو ويو هجي يا ڪو قدم کنيو ويو هج تہ ڪنهن بہ عدالت ۾ سوال نہ اٿاريو ويندو يا سوال اٿارڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي.<br>(3) ڪا بہ عدالت ڪو فيصلو نہ ٻڌائيندي يا ڪو حڪم جاري نہ ڪندي، نہ ئي ڪا عدالت هن ايڪٽ يا ڪنهن قائدي تحت ڪيل ڪنهن بہ ڪم يا ڪجهہ بہ ڪرڻ جي ارادي يا ڪو قدم کڻڻ يا قدم کڻڻ جي | ضمانت ۽ دائره اختيار تي پابندي<br>Indemnity and bar of jurisdiction |

ارادي جي سلسلي ۾ ڪا ڪارروائي نہ ڪندي.

**ڪميٽيز جي تحليل ۽ جوڙجڪ**
**Dissolution and constitution of committees**

28. (1) سموريون موجود ضلعي زڪوات ۽ عشر ڪميٽيون، تائون زڪوات ۽ عشر ڪميٽيون ۽ مقامي زڪوات ۽ عشر ڪميٽيون اهڙي تاريخ تي تحليل ٿي وينديون يا ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏينديون جيڪا حڪومت طرفان بيان ڪئي وئي هجي.

(2)ذيلي دفعہ (1) تحت ڪميٽين جي تحليل ٿيڻ تي هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت حڪومت طرفان ڄاڻايل وقت دوران نيئون ڪميٽيون جوڙيون وينديون.

**منسوخي**
**Repeal**

29. (1) سنڌ صوبي ۾ لاڳو زڪوات ۽ عشر آرڊيننس، 1980 جون گنجائشون منسوخ ڪيون وڃن ٿيون.

(2) جيستائين ذيلي دفعہ (1) تحت منسوخي نہ ٿئي، تيستائين سنڌ صوبي جي سلسلي ۾ زڪوات ۽ عشر آرڊيننس، 1980 تحت جوڙيل قائدا ۽ جاري ڪيل نوٽيفڪيشنز ۽ حڪم لاڳو رهندا، جيستائين انهن کي تبديل ڪيو وڃي، منسوخ ڪيو وڃي يا مجاز اختياري طرفان ترميم ڪئي وڃي.

**رنڊڪون هٽائڻ**
**Removal of difficulties**

30.حڪومت اهڙيون گنجائشون جوڙي سگهي ٿي جيڪي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ موجود رنڊڪون هٽائڻ لاءِ ضروري هجن.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**